# استحڪام پاڪستان جي بنياد ۾ عورت جو ڪردار

## سيرت طيبه جي روشني ۾

**مسز زرينه قاضي**

**ريسرچ اسڪالر جامعه ڪراچي**

هن دنيا ۾ انسان پيدا ٿيندو آهي ته پاڻ سان گڏ ڪجهه حق به کڻي ايندو آهي، ۾ دنيا ڪڏهن اهي حق انکي ڏنا ۽ ڪڏهن انهن کان محروم رکيو. ڪنهن کي ان جو حق نه ملڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي، انهي کان ان جي ترقي وابسته (ڳنڍيل) آهي، اهي ان کي بلندي ڏانهن کڻي وڃن ٿا. هي انکان ڦريا وڃن ته هو ذلت ۽ ڪمزورن واري زندگي گزارڻ تي مجبور آهي، ۽ ان جي ترقي جو سڄا امڪان ختم ٿي وڃن ٿا.

سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته حق ڇا آهي؟ ڇا اهي حق سڀني کي برابر ملن ٿا؟ انهن ۾ ڪو فرق آهي؟ اهي حق ڪئين ڪجي؟ ليڪن شروع کان وٺي ڪري هن وقت تائين طاقتور ڪمزور تي قابض رهيو آهي، ڪمزورن جي تاريخ انهن جي حقن جي محروميءَ جي تاريخ آهي. انهن ظلم ۽ زيادتي جي قيد ۾ زندگي گذاري آهي، ايتري تائين جو انهن کي بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو آهي. اهڙي طرح عورت کي به ڪمزور سمجهي ان سان هر دور ۾ ظلم ۽ زيادتي ٿيندي رهي آهي ايتري قدر جو مرد ان پاڻ هميشه گهٽ سمجهندو رهيو آهي ۽ انکي برابري جي حيثيت نه ڏنائين ان کي ان جي حقن کان محروم رکيائين ۽ ان سان غيراخلاقي بلڪه اڪثر ڪري غيرانساني رويو اختيار ڪيائين. عورت پنهنجي طبعي ڪمزوري جي ڪري اهو سڀ ڪجهه سهندي رهي ۽ ڪڏهن احتجاجي جرأت نه ڪيائين.

## دنيا جي قديم سڌريل سماجن ۾ عورت

**يونان:** يونان جي شاهي دور ۾، ايٿنس جي آريه نسل جي بادشاهت واري

زماني ۾ تخت ۽ تاج جي وراثت شاهي خاندان جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ واري جو حق هئي. يعني تہ تخت ۽ تاج بادشاه جي ڌيءَ سان لاڳاپيل هو پر هوءَ پاڻ حڪومت ڪانہ ڪري سگهندي هئي بلڪہ سائس شادي ڪرڻ وارو ان جو حقدار سمجهيو ويندو هو.

«ايٿنس جا ٻہ مشهور بادشاه ٿي گذريا آهن سيڪراپس ۽ ايمفيڪٽان جيڪي پنهنجي زالن جي ڪري بادشاه بڻيا هئا، اهي ڪائن اڳوڻن بادشاهن جي ڌيئر هيون. ان روايت جي ثابتي اها بہ آهي تہ ايٿنس ۾ مائٽيءَ ۾ ماءُ طرفان نانٽي مٽريءَ ڏاڏٽي مٽري ڪان وڌيڪ اهميت حاصل هئي.» (١)

يونان ۾ انهيءَ ڳالهہ جو اهو نتيجو نڪتو جو شاهي غرور سببان شاهي خاندان مناسب سڱ نہ ملڻ جي صورت ۾ ڇوڪريون وهاري ڇڏيندا هئا، پنهنجا ڇوڪرا پين ملڪن جي شهزادين سان پرڻائيندا هئا تہ جيئن اهي پنهنجي زالن جي ڏاج ۾ مليل تخت ۽ تاج جا وارث ٿي بادشاهي ڪن. ان مان ظاهر ٿي ٿو تہ انهن قومن ۾ سماجي ارتقا جي ڪنهن دور ۾ مردن ڪي نہ پر عورتن ڪي پيڙهي هلائيندڙ ٿي سمجهيو ويو:

«اهو شاهي خون نانٽي نڪ ۾ هلندو هو جنهن ڪري انهن سان شادي ڪري عام ماڻهو بہ شاهي خاندان جو فرد يا بادشاه ٿي سگهيو پئي. اهڙي حالت ۾ مرد جي صرف جسماني خوبصورتي، طاقت ۽ بهادري ڏٺي ويندي هئي» (٢)

پوءِ وارن دورن ۾ ڏاهن جي سرزمين يونان جا ماڻهو پنهنجي معقوليت پسندي جي باوجود عورت جي باري ۾ اهڙا خيال ٿا بيان ڪن جو حيرت وٺيو وڃي. هن قوم جي شرعاتي دور ۾ اخلاقي نظرين، قانوني حقن ۽

معاشرتي ورثاءُ ۾ عورت جي حيثيت ڪافي گهٽ هئي هن تهذيب ۾ ڪنهن دور ۾ عورت جي انسان هئڻ تي به شڪ ڪيو ٿي ويو ۽ سائنس جانورن ڪان بدتر سلوڪ به ڪيو ويو. سماجي زندگي ۾ سندس ڪابه حيثيت ڪانه هئي. هڪ دوست ٻئي دوست کي پنهنجي زال ڪنهن شيءِ وانگر تحفي ۾ پيش ڪري ٿي سگهيو اها ڪا خراب ڳالهه نه ٿي سمجهي وئي بلڪه اهو رواج هو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ نر اولاد نه هئڻ جي صورت ۾ زال کي ورثو ڪونه ملندو هو ۽ نه ئي مڙس جي وراثت ۾ ڪنهن ٻئي طرح سان حقدار هئي. (٣)

«يوناني ڏندڪٿائن ۾ هڪ خيالي عورت پنڊورا کي اهڙي طرح انساني مصيبتن جو سبب ڄاڻايو ويندو هو جيئن يهودي ڏندڪٿا ۾ بيبي حوا کي ڄاڻايو ويو آهي.»(٤)

«ڪامديوي افروڊائيٽ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي جنهن هڪ ديوتا جي زال هوندي به ٽن ديوتائن سان ناتو جوڙيو هو ۽ سندس هڪ انسان سان به تعلق هو. انهي جي ڪُک مان محبت جي ديوتا ڪيوپڊ جنم ورتو هو. هن دور ۾ طوائف جو ڪوٺو عبادت گاهه مثل هو، فاحش عورتون ديوداسيون ۽ زنا هڪ مقدس مذهبي فعل جي درجي تي پهتل هئي.»(٥)

ڪنهن يوناني جو قول آهي ته

«باهه سان سڙڻ ۽ نانگ جي ڏنگڻ جو علاج ته ممڪن آهي پر عورت جي شر کان بچڻ مشڪل آهي.» (٦)

هڪ يوناني اديب لکي ٿو «ٻن موقعن تي عورت لاءِ خوشي جو باعث ٿئي ٿي هڪ شادي جي ڏينهن ۽ پيو مرڻ ڏينهن. طلاق جو حق عورت کي قانوني طرح حاصل ته هو پر عدالت ۾ ان جو اظهار نالي ناموس ۽ عزت جي خلاف هوندو هو انڪري ان مان فائدو ڪونه ورتو ويندو هو.» (٧)

«افلاطون پنهنجي ڪتاب «republic» ۾ شادي ۽ ٻين

طريقن متعلق جيڪي قانون ايجاد ڪيا آهن سي نيوگ جي رسم کي جائز قرار ڏين ٿا.»(٨)

نيوگ جي رسم موجب ڪمزور مرد پنهنجي زال مضبوط مرد جي حوالي ڪندو هو ته جيئن تندرست ٻار پيدا ٿئي ۽ قوم ۽ ملڪ کي بهادر سپاهي ملي.

روم: يونان کانپوءِ جنهن ملڪ جو نالو تهذيبي عروج جي حوالي سان ملي ٿو سو آهي روم. قديم دور ۾ ڪٽنب جو سربراهه پيءُ هوندو هو. روم جو پهريون قانون ساز بادشاهه روميولس اٺين صدي قبل مسيح ۾ ٿي گذريو آهي، تنهن:

«ڪنوارين ڇوڪرين کي عبادت گاهن ۾ خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ هو ٣٠ سالن جي عمر تائين ڪنواري رهڻ جو قسم کڻديون هيون. جيڪا اهو قسم ٽوڙيندي هئي ان کي زنده دفن ڪيو ويندو هو.»(٩)

عام خاندانن ۾ مرد کي برتري هئڻ ڪري زال ۽ ٻارن تي ڪيس پورو اختيار هو ته هو جڏهن چاهي زال کي گهر مان ڪيڏي ٿي سگهيو. پيءُ جي حيثيت ۾ ڌيءُ کي جتي چاهي پرڻائي ٿي سگهيو يا پرڻيل ڌيءُ جي شادي ٽوڙي ٿي سگهيو. ڪيس ڪنهن غلطي تي «عورت کي قتل ڪرڻ جي آزادي به هئي. غلامن وانگر عورت جو مقصد خدمت چاڪري ڪرڻ کانسواءِ ڪجهه ڪونه هو، مرد شادي ان لاءِ ڪندو هو ته جيئن خدمت ڪرائي سگهي. عورت کي ڪنهن به عهدي لائق نه ٿي سمجهيو ويو. ڪيس شاهديءَ جو به حق حاصل نه هو. قانوني طرح رومي سلطنت ۾ عورت کي ڪوبه حق حاصل نه هو البته سندس طبعي ڪمزورين سبب ڪجهه رعايتون مليل هيس.» (١٠)

اهي ته هيون دنيا جي تاريخ ۾ مجيل تهذيب يافته قومون، جن علم، ادب ۽ ڏاهپ ۾ پين قومن جي اڳواڻي ڪئي پر ڪجهه قومون اهڙيون به آهن جن کي تاريخ ۽ مذهبي ڪتابن ۾ تمام جاهل، غيرمهذب ۽ غير متمدن قرار ڏنو ويو آهي جن جي جهالت ۽ ظلم جا داستان مذهبي ڪتابن انجيل، توريت ۽ قرآن ۾ بيان ٿيل آهن.

**عرب سماج ۾ عورت:** ديوين جي پوڄا ڪندڙ انهيءَ قوم وٽ عورت جي ڪابه حيثيت ۽ عزت ڪانه هئي ۽ سندس وجود انهن جي لاءِ شرم جي باعث هو. :

> «پُٽ جي اولاد تي فخر ڪرڻ ۽ ڌيئرن کي زنده دفنائڻ انهن جو ڪم هو.»(١١)
>
> «اهلِ عرب عورت موجبِ ذلت ۽ عار سمجهندا هئا، ڌيءُ جي پيدائش انهن جي لاءِ غم ۽ پريشاني جو پيغام هوندو هيو.»(١٢)
>
> «پين شروعاتي ۽ قديم تهذبن وانگر گهڻ زالائي ۽ گهڻ مڙسائي شادين جو رواج هو ۽ جنسي ميلاپ عام هو ۽ ماٽيلا پٽ ماٽيلن مائرن سان پرڻجي سگهجندا هئا ۽ ڪڏهن ته پاڻ به ڀنهنجين ڀينرن سان شاديون ڪندا هئا، جاڪاڻ جو رشتن ناتن جي حوالي سان اهڙا ڪي قانون ڪونه هئا جيڪي ڪين ڪن مخصوص ويجهن رشتن سان شاديون ڪرڻ کان روڪين ها.»(١٣)

عورت جي حيثيت غلام کان به بدتر هئي، سندن مظلوميت انتها تي پهتل هئي. اولاد جي حيثيت ۾ ڇوڪرين سان پيار محبت ڪرڻ يا ان جو اظهار ڪرڻ ۾ به شرمندگي محسوس ڪئي ويندي هئي. ڇوڪرين کي پيءُ جي ورثي مان ڪجهه به نه ملندو هو. عربن جو خيال هو ته جاڪاڻ ته عورت

گهوڙي تي سوار نٿي ٿئي ۽ نه ئي جنگ ۾ وڙهي ٿي، انهيءَ ڪري ڪيس ڪو حق ناهي ته ڪو هوءَ پيءُ جي ڇڏيل مال ملڪيت مان ڪو حصو وٺي. انڪري جڏهن اسلام ۾ ڪيس پٽ جي حصي کان اڌ جيترو ورثو ملڻ جي ڳالهه ٿي ته به ماڻهن نبي ڪريم ﷺ کي اچي چيو ته:

« يا رسول الله ﷺ ڇا عورت اڌ حصي جي حقدار آهي؟ جيڪا نه گهوڙي تي سوار ٿي سگهي ٿي نه ئي بچاءُ ڪري ٿي سگهي.»(١٣)

ان معاشري ۾ جيئن شادين ڪرڻ تي ڪا پابندي ڪانه هئي تيئن طلاق تي به ڪا روڪ ڪانه هئي، مرد کي جڏهن وڻندو هو هو طلاق ڏئي ڇڏيندو هو، وري جڏهن وڻندو هئس واپس رجوع ڪري وٺندو هو. عورت مڙس جي جيئري ته عذاب ۾ هئي پر سندس مرڻ کانپوءِ به سندس خاندان جي ملڪيت هوندي هئي، جنهن کي وڻندو هو ڪٿي ڏينداهئس يا پاڻ مان ئي ڪنهن سان پرڻائي ڇڏيندا هئس، نه ته سڄي عمر سندس گولي تي گذاري ڇڏيندي هئي. نه پنهنجي مال ملڪيت تي ڪو حق هئس نه مڙس جي ڇڏيل ورثي ۾ ڪا پتي رکيل هئس جو زندگي گذارڻ لاءِ ڪو آزاد طريقو اختيار ڪري سگهي. اهڙي محتاجيءَ سببان بيوسيءَ ۾ زندگي گذاريندي هئي.

« اسلام کان اڳ عرب جي وحشي سفاڪيءَ ۾ گهٽ ڪونه هئا. عورتن کي تفريح جو سامان سمجهندا هئا.... زراه جيڪو تميم قبيلي جو رئيس هو. تنهن پنهنجي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي. مجوسي هو..... لڙائين ۾ جيڪي عورتون قيد ڪندا هئا تن جا پيٽ چاڪ ڪرڻ ۽ معصوم ٻارن کي وڍڻ عموماً جائز هو.... محض انتقام جي جوش ۾ عورتن کي جيئرو باهه ۾ ساڙيندا هئا. جيئن عمرو بن هند تميم جي عورتن کي ساڙيو هو. بڪري ۽ تغلب جي جنگ، جا جاهليت ۾ «حرب سوس» جي نالي

سان مشهور آهي تنهن جو سبب هي هو ته هڪڙي بدويءَ
هڪڙي عورت جا پستان وڍيا هئا.» (١٥)

مطلب ته اسلام کان اڳ عرب دنيا، تهذيب جي انتهائي هيٺين درجي تي هئي ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن تمام وڏي انقلاب رستي سڌارا آڻڻ جي ضرورت هئي، جيڪو آخرڪار اسلام جي صورت ۾ آيو. (١٦)

## اسلام ۾ عورت جي حيثيت:

اسلام ۾ تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ سان گڏوگڏ سماجي زندگي ۾ عورت جي حيثيت ۾ نمايان تبديلي نظر اچي ٿي. ان لحاظ کان اسلام دنيا جو اهو پهريون مذهب آهي جنهن عورت لاءِ مَسهُو ۽ مصيبت واري ماحول ۾ ڪي قدر تبديلي آندي ۽ هوءَ سک جو ساهه کڻي سگهي. ڇوڪرين کي ڄمندي ئي زنده دفن ڪرڻ ۽ ساڻن بڇڙو سلوڪ ڪرڻ کان سختيءَ سان منع ڪيو ويو. کين وراثت ۾ حق ڏنو ويو. مردن وانگي تعليم جو حق ڏنو ۽ شاديءَ جي معاملي ۾ سندن راءِ جو احترام ڪرڻ جو واضح حڪم ڪيو ويو. اهي انقلابي قدم هئا.

اسلام عرب سوسائٽي ۾ سڀ کان وڏا ٻه انقلاب آيا. هڪ غلامن سان بهتر سلوڪ ۽ ٻيو عورتن جي پوزيشن کي بلند ڪرڻ. پر عربن جي ذهنيت ان ٻنهي ڳالهين کي آساني سان قبول نه ڪري سگهي ڇوته هو غلام ۽ عورت ٻنهي کي پنهنجي ملڪيت جي حيثيت سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۽ انهن کي هر طرح سان استعمال ڪرڻ جي عادت هئي. جيستائين رسول الله ﷺ پاڻ حيات هئا تيستائين ڪنهن مخالفت ڪرڻ جي همت نه ڪئي مگر پاڻ ﷺ جي رحلت کان پوءِ جڏهن بني اميه ۽ بني عباس ۾ ڪجهه بندشون کي ٽوڙڻ لاءِ ۽ ڪجهه نئين ڳالهين کي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪوڙين حديثن کي جمع ڪرڻ جو ڪم ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪوڙيون حديثون ٺاهيون ويون جنهن جو تعلق عورتن ۽ ان جي باري ۾ تمدني جو موقف هو.» (١٧)

نہ صرف عربن وٽ پر ڏنو وڃي تہ سموري اسلامي دنيا ۽ اسلام جي اصول ـ خاص ڪري عورت جي حوالي سان مختلف ماڻهن مختلف نموني سان سمجهائڻ ۽ **Interpret** ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن سان ڪي تمام سخت **Orthodox** رويو اختيار ڪن ٿا تہ ڪن وري ان ۾ لچڪ رکي ڪجهہ نرم **Liberal** رويو رکيو آهي. بهرحال اسلام ۾ انسان ـ عورت ۽ مرد ٻنهي کي مخاطب ٿيڻ ۾ ڪو ابهام نٿو ملي. جتي جتي مرد کي مخاطب ڪيو ويو آهي اتي اتي عورت کي بہ ساڳئي طرح مخاطب ڪري برابريءَ جو اصول رکيو آهي.

«ان المسلمين والمسلمات والمومنين والمومنات والقانتين والقانتات والصادقين والصادقات والصابرين والصابرات والخاشعين والخاشعات والمتصدقين والمتصدقات والصائيمن والصائمات والحافظين فروجهم والحافظات والذاكرين الله كثيرا والذاكرات اعدالله لهم مغرفت واجر عظيما» (١٨)

ترجمو: «بلاشبہ مسلمان مرد توڙي عورتون ، مومن مرد هجن يا عورتون، فرمانبردار مرد هجن يا عورتون، صحيح طريقي تي هلندڙ مرد هجن يا عورتون، صبر ڪرڻ وارا مرد هجن يا عورتون، (الله کان) ڊڄڻ وارا مرد هجن يا عورتون، خيرات ڪندڙ مرد هجن يا عورتون، روزي رکڻ وارا مرد هجن يا عورتون، پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪرڻ وارا مرد هجن يا عورتون ۽ الله کي ياد ڪرڻ وارا مرد هجن يا عورتون، انهن سڀني لاءِ الله تعاليٰ بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.»

ان ڏس ۾ ڇئي سگهجي ٿو تہ اسلام ۾ عورت ۽ مرد جي برابري جي تصور موجود آهي.

ولهن مثل الذي عليهن بالمعروف

۽ عورتن جا به ساڳيا حق آهن جهڙا هنن (مردن) جا.

للرجال نصيب مما آڪتسبو او للنساءِ نصيب مماآڪتسبن

مردن ڪي اهو ڏنو تو وجي. جيڪي اهي ڪمائين ۽ عورتن ڪي جيڪو اهي ڪمائين. (١٩)

هرو ڀرو اهو مفروضو گهڙيو ويو آهي ته عورتون هر ڳالهه ۾ مردن جي برابر ناهن... جيڪڏهن ڪن ڳالهين ۾ مرد عورت ڪان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن ته ڪن ٻين ۾ وري عورتون مردن ڪان بهتر ثابت ٿيون آهن. انڪري اهو نٿو چئي سگهجي ته سندن صلاحيتون گهٽ وڌ آهن. بلڪه انهن ڪي تعليم ۽ تربيت جا هڪجهڙا موقعا نه ملڻ ڪري ۽ مختلف ماحول ۾ پلجڻ سببان هن جا دائرا مختلف ٿي ويا آهن. نبي ڪريم ﷺ عورت ڪي جيڪا اهميت ڏني اها انهي دور جي حوالي سان تمام گهٽي چئي سگهجي ٿي. پاڻ ﷺ عورت جي وجود لاءِ ناپاڪي، منحوسيت ۽ برائي وارن خيالن ڪي رد ڪيائون ۽ صاف لفظن ۾ چيائون ته « دنيا ۾ مونکي عورت ۽ خوشبو پسند آهي ليڪن منهنجي آکين جو ٺار نماز ۾ رکيل آهي.» (٢٠)

حتب الي من الدنيا النساءِ رالطيب و جعلت قره عيني في الصلواه.

ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟

«هن تعليم فڪر ۽ عمل ۾ اهڙو انقلاب پيدا ڪيو جو اهي ماڻهو جيڪي هڪ معصوم جان ڪي زنده درگور ڪندي ڪو عار نه سمجهندا هئا ۽ جن جي پريشاني ڪڏهن ان سنگدلي تي عرق آلود نه ٿيندي هئي ان (عورت) جي پرورش پنهنجي لاءِ سرمايهِ حيات تصور ڪرڻ

لڳي.» (٢١)

عورت ڪي ڪمائڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ گهرجي يا نه؟ ان تي بحث به ڏاڍو دلچسپ رهيو آهي. ان ڏس ۾ :

«اسلام ماليات جي ميدان ۾ عورت ۽ مرد جي ڊوڙ ڊڪ جي اجازت عطا فرمائي ٿو ۽ سندن محنت جي صلو سندن جائز حق تسليم ڪري ٿو. حتيٰ ڪه خاوند به زال جي مال کي استعمال نٿو ڪري سگهي، نه ئي زال لاءِ اهو جائز آهي ته مڙس جي دولت ۾ پنهنجي مرضي هلائي.» (٢٢)

عورتن کي گهرن مان نڪرڻ کان هرگز منع ڪونه ڪيو ويو آهي. البت ڪين زينب ۽ زينت سان پنهنجي نمائش ڪري نڪرڻ کان منع ڪيو ويو آهي. ان لاءِ به ضرور سبب هئا. اهو معاشرو اهڙو تهذيب وارو ڪونه هو جتي عورت محفوظ رهي سگهي. اسلام ۾ ضرور ڪمائڻ لاءِ، جنگ ۽ عبادت لاءِ ۽ حج جي موقعي تي عورتن کي ٻاهر نڪرڻ ۽ مردن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جي اجازت آهي. پردي جي ڏس ۾ عالمن جون مختلف نشريحون ملن ٿيون، ڪي غورت جو ٻاهر نڪرڻ ئي قبول نه ٿا ڪن، ڪن عورت جو ٻاهر نڪرڻ قبول ڪندي ڪين پاڻ کي مڪمل طرح ڍڪڻ جي صلاح ڏني آهي، ڪن وٽ منهن ۽ هٿ کولڻ جائز آهي ته ڪي نقاب ۽ دستانن سان انهن کي ڍڪڻ جي ڳالهه ٿا ڪن. مطلب ته اسلامي حڪم کي مختلف فقهن وارا به مختلف انداز ۾ سمجهڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. مجموعي طرح سان هي نتيجو نڪري ٿو ته « اسلامي قانون ۾ وٺندڙ صورت اها آهي ته هوءَ گهر اندر رهي پر هن باب ۾ زياده سختي ان لاءِ نه ڪئي وئي جو ڪن حالتن ۾ عورتن جو گهرن کان ٻاهر نڪرڻ ضروري ٿي پوندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته عورت جو ڪوئي سرپرست نه هجي، اهو به ممڪن آهي ته خاندان جي محافظ جي

مفلسي، روزگار جي تنگي، بيماري، معذوري يا ٻين اهڙن ئي سببن ڪري عورت ٻاهر ڪم ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي. اهڙين سيني صورتن ۾ قانون ۾ ڪافي گنجائش رکي وئي آهي. حديث ۾ آهي ته «الله تعاليٰ توهان کي اجازت ڏني آهي ته توهان پنهنجين ضرورتن لاءِ گهر کان نڪري سگهو ٿيون.» (٢٣)

وقل للمومنت يغضضن من ابصارهن ويحفظن فروجهن ولا يبدين زينتهن الا ماظهر منها. (٢٤)

ترجمو: «چئو ايمان وارن مردن کي ته پنهنجون نظرون هيٺ رکن ۽ باعصمت رهن. اها انهن لاءِ پاڪيزگي آهي. بيشڪ الله کي معلوم آهي جيڪي هو ڪن ٿا ۽ چئو ايمان وارين عورتن کي ته پنهنجون نظرون هيٺ رکن ۽ باعصمت رهن ۽ صرف اهڙي آرائش ظاهر ڪن جيڪا ظاهري طور ڏسڻ ۾ اچي.»

مٿين آيت (سوره النور) مان ٻه ڳالهيون واضح ٿين ٿيون: هڪ ته مردن کي نظرون هيٺ رکڻ لاءِ چيو ويو آهي ۽ ٻيو ته عورتن کي سندن سونهن ۽ سينگار ضرورت کانسواءِ ظاهر ڪرڻ کان منع ڪيو ويو آهي. ان مان ظاهر ٿيو ته نبي ڪريم ﷺ جي دور ۾ عورتون ڪم ڪار لاءِ ٻاهر نڪرنديون هيون ۽ مردن سان لهه وچڙ ۾ اينديون هيون تڏهن ته مردن کي نظرون هيٺ ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. سونهن جو مظاهرو نه ڪرڻ واري ڳالهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته عورتون ان دور ۾ منهن کونه ڍڪينديون هيون. عورت جو اهو منهن کولڻ جو حق پوءِ جي دورن ۾ رسمن رواجن جي نالي ۾ ڦريو ويو. (٢٥)

اسلام عورت کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ واپار، نوڪري ۽ مزدوري جي اجازت ڏني آهي. «ابن حازم مطابق هڪ عورت خليفي جي عهدي کان

سواءِ پيو هر عهدو رکي سگهي ٿي. هوءَ وڪيل ٿي سگهي ٿي، انسپيڪٽر ۽ جج به ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن ابن حازم جو نظريو قبول ڪجي ته پوءِ عورت ملڪ جي سربراهه طور به ڪم ڪري سگهي ٿي ڇاڪاڻ جو هاڻي خلافت ته آهي ئي ڪانه.» (٢٦)

هڪ کان وڌيڪ شادين جي باري ۾ آيل سورتن کي به مردن پنهنجي مطلب لاءِ پنهنجون معنائون ڏئي ڇڏيون آهن. چيو ويندو آهي ته اسلام گهڻين شادين ۽ ڪنيزن رکڻ جي اجازت ڏني ٿو. جڏهن ته ان اجازت سان رکيل شرطن کي بلڪل وساريو ۽ نظرانداز ڪيو ويندو آهي.

وان خفتم الا نقسطوافي اليتامي فانكحو اما طاب لكم من النساء مثني وثلث وربع فان خفتم الا تعدلوا نواحده او ماملكت ايمانكم ذللك ادني الا تعولوا. (٢٧)

ترجمو: «جيڪڏهن توهان کي ڊپ آهي ته توهان يتيمن سان انصاف نه ڪري سگهندا ته پوءِ اهڙين عورتن سان شادي ڪريو جيڪي اوهان کي وڻن، ٻه يا چار، پر جي توهان کي ڊپ آهي ته توهان متان انصاف ڪري نه سگهندا ته پوءِ صرف هڪ سان شادي ڪريو جيڪا اوهانجي ساڄي هٿ ۾ آهي. اهو وڌيڪ بهتر آهي جيئن توهان ناانصافي نه ڪري وڃو.»

اها سوره جنگ احد کان پوءِ نازل ٿي هئي، جڏهن مسلمان جي هڪ ننڍڙي معاشري مان گهڻائي مرد شهيد ٿي ويا هئا ۽ سندن يتيم ٻار بي سهارا بڻجي ويا هئا. ان صورت ۾ انهن ٻارن کي سهارو ڏيڻ لاءِ انهن جي مائرن سان شاديءَ جي اجازت ڏني وئي سا به انهن ٻارن ۽ زالن سان انصاف ڪرڻ جي شرط سان ۽ اها ڳالهه هر ڪو ڄاڻي ٿو ته پوءِ جي سماج ۾ هڪ کان وڌيڪ شادي ڪرڻ وارا ڪيترا مرد يتيم ٻارن جي مائرن سان

شادي ڪندا هئا؟ ۽ ٻي يا ٽين زال اچڻ ڪانپوءِ پهرين زال ۽ ان جي ٻارن سان ڪيترو انصاف ٿيندو آهي؟ سڀني زالن ۾ ڪيتري قدر برابري رکي ويندي آهي؟ سڀني زالن سان هڪ جيترو پيار ڪرڻ، ساڻن هڪ جيترا ڏينهن ۽ هڪ جيتريون راتيون گذارڻ ڪيتري قدر عمل ۾ آهي؟ انساني نفسيات جي مڪمل صورت جو احساس ڪندي حڪم ڪيو ويو تہ « جي انصاف ۽ برابري ممڪن نہ هجي تہ پوءِ صرف هڪ عورت سان شادي بهتر آهي.» (٢٨)

ساڳي ڳالهہ مولانا مودودي هن طرح سان بيان ٿو ڪري: « گهڻيون زالون هئڻ جي صورت ۾ ڪنهن هڪ جي طرف وڌيڪ مائل ٿيڻ ۽ ٻين زالن سان ظلم ڪرڻ آهي. جنهن کي قرآن پاڪ صاف لفظن ۾ ناجائز ٿو قرار ڏئي.... قرآن پاڪ ۾ وڌيڪ زالون رکڻ جي اجازت تڏهن آهي جڏهن توهان عدل ۽ انصاف ڪيو. جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو عدل ۽ انصاف نہ ڪري سگهي تہ انکي ان شرط کان فائدو وٺڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي.»(٢٩)

پوءِ جي زمانن ۾ نہ صرف ڪيترا ملان ۽ مذهبي ماڻهو اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻيندي آکيوٽ ڪري وڌيڪ شاديون ڪري گنهگار بڻجندا رهيا آهن، پوءِ بظاهر مذهب ۾ ڪا دلچسپي نہ رکندڙ ڪي وڏا ترقي پسند ۽ سماجي انصاف جا پرچارڪ، باشعور، اديب، شاعر ۽ سياستدان بہ مذهب جي ڏنل ڇوٽ جو فائدو وٺي هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪندا آهن ۽ ان لاءِ جواز طور ڪڏهن ذهني هم آهنگي لاءِ، ڪڏهن پيار ٿي وڃڻ ڪري تہ ڪڏهن وري سماجي رتبي (Status Symbol) طور پڙهيل لکيل ۽ انٽليڪچوئل عورت سان شادي ڪرڻ تي «مجبور» ٿي پوندا آهن ۽ پاڻ کي لا مذهب (Atheist) ۽ سيڪيولر (Secular) سڏڻ وارا بہ مذهب جي

ان تشريح مان فائدو وٺندي دير ڪونه ڪندا آهن ۽ هڪ عورت مٿان ٻي عورت آڻي ڪيس ڏهاڳ ڏئي زنده درگور ڪري ڇڏيندا آهن.

ان سموري ڳالهه جو مطلب اهو ٿيو ته عورت سان سماج ۾ رسمن رواجن جون ڏاڍايون صاف مذهبي هدايتن جي باوجود به جاري ۽ ساري رهنديون آيون آهن ۽ نه صرف عرب سماج ۾ پر اڪثر اسلامي ملڪن ۾ اهڙيون حالتون آهن. جيڪڏهن اسلام جي اصل روح کي ۽ ان جي انقلاب جي پيغام کي قائم رکيو وڃي ها ته اڄ ماڊرن دور جي نوجوانن جي ذهنن ۾ مونجهارا پيدا نه ٿين ها.

مجموعي طرح سان چئي سگهجي ٿو ته اسلام جي صحيح تشريح ڪرڻ وارن عالمن، مفڪرن جي ضرورت آهي، جيڪي انجي اصلي روح کي اجاگر ڪندي عورت جي سماج ۾ رتبي ۽ ڪردار کي متعين ڪرڻ ۾ مدد ڪن ۽ جديد دور جي ذهنن کي پڻ ان جي صحيح پيغام ڏانهن مائل ڪري سگهن. پوءِ جي دورن ۾ سخت رويي ۽ روايتن رسمن کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو ته: « سياسي سطح تي مسلمان ملڪن جي غربت ۽ پٺتي پيل ذهني حالت کي قائم رکڻ لاءِ ۽ سامراجي قوتون پنهنجا سياسي مقصد ماڻڻ لاءِ اسلام جي اهڙي تصور کي غالب آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن جنهن ۾ جهالت، پٺتي پوڻ، علم کان انحراف، منطق کان اڻڄاڻائي ۽ پنهنجي دور سان لاتعلقي جا عنصر وڌيڪ شامل هجن. انڪري اسلام جو مطلب، برقعو، عورت جو گهر ۾ پابند رهڻ، شاهديُ کان وٺي سماجي عمل دخل جي هر پهلوءَ ۾ ناقابل عمل ۽ زندگي کي ناقابل قبول بنائڻ پڌايو وڃي ٿو....

اسلام جي عملي حيثيت کي ٿو ڏسجي ته فقهن جي بنياد تي گهڻائي فرقا سامهون ايندا. هر فرقي جو پنهنجو مسلڪ ۽ پنهنجا منطقي دليل آهن. هر فرقي جو تهذيب ۽ ثقافت جي باري ۾ پنهنجو خيال ۽ انساني تعلقات ۽ رشتن جي باري ۾ پنهنجو مسلڪ آهي، جنهن ۾ هو ڪا لچڪ نٿا رکن. عورت جي

سلسلي ۾ لباس کان وٺي وراثت، شادي، طلاق، طور طريقن، مڙس جي تابعداري، گهر گرهستي مطلب ته هر ڪم ۾ چوڏهن سو سال اڳ جي سيني روايتن کي لاڳو ڪرڻ کي اسلام جو بنيادي ء لازمي عمل سمجهيو تو وڃي. جڏهن ته مردن جي سلسلي ۾ ايتري قدر سختي يا لازميت سان ان دور جون روايتون لاڳو ڪرڻ ضروري نٿو سمجهيو وڃي.» (٣٠)

«عورتون سونهن جي نمائش نه ڪن» اها ڳالهه ته هزارين دفعا دهرائي وئي آهي پر « مرد نظرون هيٺ رکن» ان ڳالهه کي ڪير به نٿو دهرائي. پردي جي ڏس ۾ علامه آء آء قاضي لکي ٿو: « توهان عورتن کي انڪري قيد ۾ رکو ٿا ته شهواني خواهش (Sexual thurst) کان بچي سگهجي.... انڪان بچڻ لاء چونه مردن کي پردو ڪرايو وڃي.... خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ صاف صاف چيو آهي ته خدا صرف پاڻ تي ضابطو رکندڙ ( Self controlled) مردن ۽ عورتن کي پسند ڪري ٿو. پوء ڇو نه مردن ۽ عورتن کي آزاد ڇڏيو وڃي ته هو خدا تعاليٰ اڳيان پنهنجون لياقتون ۽ خاصيتون ظاهر ڪري سگهن.» (٣١)

جيڪڏهن عورت کي اهي سمورا حق ملندا ته اها هڪ سٺي ماءُ ، سٺي ڀيڻ، سٺي زال وغيره ٿي سگهي ٿي، جيڪا نئين نسل جي پرورش ڪري بهترين ليڊر، بهترين استاد، بهترين وڪيل، بهترين سياستدان، ماهر ڊاڪٽر، ماهر انجنيئر پيدا ڪري انهن کي سنواري سگهي ٿي. اهڙي طريقي سان پاڪستان مستحڪم ۽ مضبوط ٿيندو پر جيڪڏهن ان کي بنيادي حق ئي نه مليل هوندا ۽ هوُ ذهني طور آزاد ئي نه هوندي ته هوُ ڪهڙا محمد علي جوهر پيدا ڪندي، ڪهڙا عبيدالله سنڌي پيدا ڪندي، ڪهڙا ابوالڪلام آزاد پيدا ڪندي، ڪهڙا محمد علي جناح پيدا ڪندي ۽ ڪهڙا عبدالقدير پيدا ڪندي.

جيڪڏهن اهي حق ان کي ڏنا وڃن جيڪي اسلام ان کي ڏنا

آهن ته هوءَ ملڪ ۽ ملت جي ڪيئن خدمت ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجي ملڪ کي مستحڪم بڻائي سگهي ٿي.

## حوالا


(١) Frazer J.G. Golden Bough. Vol 1. pp 302

(٢) Ibid pp. 204

(٣) ڊاڪٽر فهميده حسين، شاھ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ ج ١/ ص ٢٣ پبليڪيشنز آزاد ڪميونيڪشنز ڪراچي.

(٤) سومرو عبدالرزاق، عورت اسلام کان اڳ، ماهوار الصادق، آگسٽ ١٩٨٤ شمارو ٨، ج ٦/ ص ١٦.

(٥) ساڳيو.

(٦) عمري، سيد جلال الدين انصر، عورت اسلامي معاشري ۾، اسلامڪ پبليڪيشنز لميٽڊ، لاهور ١٩٨٥ ص- ٢٠.

(٧) ڊاڪٽر فهميده حسين، شاھ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ ج ١/ ص ٣٣ پبليڪيشنز آزاد ڪميونيڪشنز ڪراچي.

(٨) مولائي شيدائي رحيم داد خان، تاريخ تمدن سنڌ يونيورسيٽي پريس، حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٩. ص-٢٩٣.

(٩) مولائي شيدائي رحيم داد خان، تاريخ تمدن سنڌ، ص-٦٩٥.

(١٠) عمري، سيد جلال الدين انصر، عورت اسلامي معاشري ۾، ص- ٢١.

(١١) سليم، مولانا محمد حسين، تاريخ ادب عربي، آزاد بڪ ڊيو لاهور، سرگودها، ١٩٦٨، ص- ١٢.

(١٢) عمري، سيد جلال الدين انصر، عورت اسلامي معاشري ۾، اسلامڪ پبليڪيشنز لميٽڊ، لاهور ص- ٢٢.

(١٣) Hashim Anwar-- A Short History of Civilization pp. 286

(١٤) عمري، سيد جلال الدين انصر، عورت اسلامي معاشري ۾، ص-٢٦.

(١٥) مولائي شيدائي، عورت ۽ قديم سماج، رسالہ شاعر، رفيق حيات نمبر، ايڊيٽر

غلام محمد گرامي، جولاءِ کان ڊسمبر ١٩٥٧، حيدرآباد.

(١٦) ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ ج ١/ ص ٥٣ پبليڪيشنز آزاد ڪميونيڪشنز ڪراچي.

(١٧) نياز فتح پوري، رساله نگار، آگسٽ ١٩٣٢، ص- ٣٢.

(١٨) سوره الاحزاب آيت ٣٥.

(١٩) Ref: Kausar Niazi-- Modern Challanges to Muslim Families Sh. Muhammad Ashraf. Lahore 1976 PP. 11- 12

(٢٠) بحواله، عمري، سيد جلال الدين انصر، عورت اسلامي معاشري ۾، ص- ٤٠.

(٢١) ساڳيو ص- ٤٢.

(٢٢) ساڳيو ص- ٤٢.

(٢٣) مودودي، سيد ابوالاعليٰ، پردو، مترجم، سومار علي سومرو محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد، ١٩٧٨.

(٢٤) سوره النور آيت ٣٠-٣١.

(٢٥) ڊاڪٽر فهميده حسين، شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ ج ١/ ص ٥٧ پبليڪيشنز آزاد ڪميونيڪشنز ڪراچي.

(٢٦) Ref: Kausar Niazi-- Modern Challanges to Muslim Families PP. 42.

(٢٧) سوره النساء آيت نمبر ٣

(٢٨) Ref: Kausar Niazi-- Modern Challanges to Muslim Families PP. 28.

(٢٩) مودودي، سيد ابو الاعليٰ، حقوق الزوجين، دفتر رساله ترجمان القرآن لاهور، ص-١٣.

(٣٠) ڪشور ناهيد، عورت خواب ۽ خاڪ جي درميان، لاهور ١٩٨٥.

(٣١) آءِ آءِ قاضي اسلام ۽ عورت، رساله شاعر، جولاءِ ڊسمبر ١٩٥٧، ص- ١٣.